حصو (ب) (مختصر جواب جا سوال)

نوٽ: هيٺين سوالن مان ڪن به 9 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 04 مارڪون رکيل آهن.

سوال 2 هيٺين آيتن مان ڪنهن به هڪ جو ترجمو لکو.

(الف) وَاعْلَمُوٓا اَنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ

(ب) فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَصْلِحُوْا ذَاتَ بَيْنِكُمْ

سوال 3 سورة الاحزاب ۾ طلاق جو ڪهڙو خاص حڪم بيان ٿيل آهي؟

سوال 4 علم جي باري ۾ ڪي به ٻه حديثون سنديءَ ۾ لکو.

سوال 5 غزوه بدر ۾ فرشتن کي ڏسي شيطان جو ڪهڙو ردعمل هو؟

سوال 6 مال غنيمت جي تقسيم جي باري ۾ سورة الانفال ۾ ڪهڙو حڪم ڏنو ويو آهي؟

سوال 7 سورة الممتحنة ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جي ڪهڙي اسوه حسنه جي پيروي جو حڪم ڏنو ويو آهي؟

سوال 8 شرالدواب مان ڇا مراد آهي؟

سوال 9 هيٺين حديثن مان ڪنهن به هڪ جو ترجمو لکو.

(الف) لَيْسَ مِنَّا مَنْ لَّمْ يَرْحَمْ صَغِيْرَنَا وَلَمْ يُوَقِّرْ كَبِيْرَنَا

(ب) خَيْرُ النَّاسِ مَنْ يَّنْفَعُ النَّاسَ

سوال 10 غسل ڪرڻ جو مسنون طريقو ڇا آهي؟

سوال 11 جهاد بالمال تي هڪ نوٽ لکو.

سوال 12 ايمان کي مڪمل ڪرڻ وارا چار اصول بيان ڪريو.

سوال 13 سورة الاحزاب جي روشني ۾ مسلمان مرد / عورت جون ڪي به چار صفتون بيان ڪريو.

حصو (ج) (تفصيلي جواب جا سوال)

نوٽ: هيٺين سوالن مان ڪن به 3 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 08 مارڪون رکيل آهن.

سوال 14 قرآن ڪريم جي ڪنهن به هڪ آيت جي حوالي سان ختم نبوت جو مفهوم واضح ڪريو.

سوال 15 قرآن شريف جي روشني ۾ درود ۽ سلام جي اهميت بيان ڪريو.

سوال 16 هيٺين حديث جو ترجمو ۽ مڪمل وضاحت سان تشريح ڪريو.

اَلرَّاشِيْ وَالْمُرْتَشِيْ فِي النَّارِ

سوال 17 الله تعاليٰ هجرت ڪري اچڻ وارين مومن عورتن جي باري ۾ اهل ايمان کي ڪهڙي تلقين فرمائي آهي؟

سوال 18 قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ طهارت تي جامع نوٽ لکو.